# امير اهلسنت جون ڳالهيون

سنڌي




پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي
ڇڏيو اِنْ شَآءَاللّٰه جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

**اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام**

**ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!**

(مستطرف ج ١ ص٤٠ دار الفكربيروت)



طالب غم
مدينه
بقيع
و
مغفرت

**(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)**


رسالي جو نالو: امير اهلِ سنّت جون ڳالهيون
ڇاپو پهريون: رمضان المبارڪ 1443هه، 30 اَپريل 2022ع
تعداد:
ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي



مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي


**ڪتاب خريد ڪندڙ توجه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

شيخِ طريقت، اميرِ اهلسنّت، بانيءِ دعوت اسلامي، حضرت علامه

دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه

**مولانا ابو بلال محمد الياس عطار قادري رضوي**

جو اُردو زبان ۾ رسالو

# اميرِ اهلِ سنّت جون ڳالهيون

## پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

## ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.


**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محله سوداگران پراڻي سبزي مندي ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.net

# فهرست

اميرِ اهلِ سنّت جون ڳالهيون ........................................ 1
دُرُود شريف جي فضيلت ........................................ 1
وڏيون ڳالهيون نه ڪندا ڪريو........................................ 2
از: اميرِاهلسنّت حضرتِ علامه مولانا محمد الياس عطّار قادري رضوي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ........................................ 2
مان اخبار پڙهڻ کان ڇو بچندو آهيان؟ ........................................ 4
عطّارين جي لاءِ بشارت ........................................ 6
اميرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه ڪتابون ڪيئن لکندا آهن؟ ........................................ 8
ڪتاب لکڻ جا احتياط........................................ 9
دعوتِ اسلامي جو چا تيندو! ........................................ 12
منهنجي ڏاڙهي ڪيئن نڪتي؟ (حڪايت) ........................................ 13
الله پاڪ کان عافيت گهرو........................................ 14

اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ

# امیر اھلِ سنّت جون ڳالھيون

(ھي رسالو اميرِ اھلسنّت جي حڪمت پري ڳالھين تي مشتمل مضمونن مان تيار ڪيو ويو آھي)

دعاءِ جانشين اميرِ اھلسنّت: ياالله پاڪ! جيڪو بہ مڪمل رسالو ”**امير اھلِ سنّت جون ڳالھيون**“ پڙھي يا ٻڌي وٺي، اُن کي نيڪ ٻانھن جي نقش قدم تي ھلاءِ.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

## دُرُود شريف جي فضيلت

ھڪ صوفي بزرگ رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡه فرمائن ٿا تہ مان مِسۡطاح نالي ھڪ شخص کي مرڻ کان پوءِ خواب ۾ ڏسي ڪري پڇيو: ”الله پاڪ توسان ڪھڙو معاملو فرمايو؟“ چيائين: ”الله ڪريم مون کي بخشي ڇڏيو.“ مون پڇيو تہ ٻڌايائين: ”ھڪ پيري مون حديث پاڪ جي ھڪ وڏي عالم کي عرض ڪيو مون کي ڪا حديث پاڪ سند سان لکرائي ڇڏ. جيتوڻيڪ حديث لکرائيندي جڏھن سيّدِعالَم صلَّی اللہ علیه واٰلهٖ وسلَّم جو مبارڪ نالو آيو تہ مُحَدّث صاحب درود پاڪ پڙھيو، ان کي ڏسي مون بہ وڏي آواز سان درود پاڪ پڙھيو، جڏھن اتي وينل ماڻھن ٻڌو تہ انھن بہ درود پاڪ پڙھيو جنھن جي برڪت سان الله پاڪ اسان سيني کي بخشي ڇڏيو.“

(القربۃلابن بشکوال، حديث:63 ، ص66)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

# وڏيون ڳالهيون نہ ڪندا ڪريو

## از: اميرِاهلسنّت حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطّار قادري رضوي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه

حضرتِ عمر بن عبدالعزيز رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پنهنجي پٽ عبدالملڪ کي نصيحت ڀريو هڪ خط روانو فرمايو جنهن ۾ هڪ نصيحت هيءَ بہ هئي :”پنهنجي گفتگو جي ذريعي فخر ڪرڻ يعني وڏيون وڏيون ڳالهيون ڪرڻ ۽ خود پسندي کان بچندا رهو.“ (حلية الاولياء،310/5)

اي عاشقانِ رسول! اسان کان بہ جيڪو سنو ڪم ٿيندو آهي اهو صرف الله پاڪ جي رحمت ۽ ان جي فضل ئي سان ٿيندو آهي، انهيءَ ۾ اسان جو پنهنجو ڪو ڪمال ناهي هوندو، پر ڪجھ ماڻهو مختلف موقعن تي فخريہ ڳالهيون ڪندا ۽ پنهنجي باري ۾ وڏيون ڳالهيون ڪندي ناهن ٿڪبا مثلاً ”اسان جيڪو دين جو ڪم ڪيو آهي اهڙو ڪڏهن ڪنهن ناهي ڪيو، مون جيڪو ڪتاب لکيو آهي اهڙو ڪڏهن ڪنهن ناهي لکيو يا اهڙو ڪتاب ڪو لکي تہ ڏيکاري، منهنجي بيان دوران تہ هڪ ماڻهو بہ اٿي ناهي ويندو، اُن جي ڪم جي اسان جي ڪم جي اڳيان ڪا حيثيت ئي ناهي! منهنجي علم جي اڳيان فلاڻي جي علم جي حيثيت ئي ڇا آهي؟ هو تہ اجان ٻار آهي، اسان تہ هن ميدان جا پراڻا رانديگر آهيون وغيره“ هن طرح جون ڪيئي وڏيون وڏيون ڳالهيون اسان وٽ ماڻهو عام طرح ڳالهائي ڇڏيندا آهن جيڪي انهن کي نہ ڳالهائڻ گهرجن ياد رهي تہ تڪبر جا مختلف سبب ۽ انداز وغيره حجةُ الاسلام امام محمد بن محمد بن محمد غزالي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه پنهنجي ڪتاب ”احياء العلوم“ ۾

بيان فرمايا آهن، جيتوڻيڪ پاڻ رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَيۡہ زبان جي ذريعي تڪبر جي حوالي سان لکن ٿا:” مثلاً هڪ عبادت گذار فخر جي طور تي ٻين عبادت گذار ماڻهن جي باري ۾ زبان درازي ڪندي ۽ انهن جي عيب جوئي ڪندي چوندو آهي ته فلاڻو عبادت گذار آهي ڪير؟ ان جو عمل ڇا آهي؟ ان کي بُزرگي ڪٿان ملي؟ مون ايتري عرصي کان نفل روزو ناهي ڇڏيو، نه عبادت جي سبب راتين جو سُتو آهيان، روزانو هڪ پيرو قرآنِ ڪريم ختم ڪندو آهيان جڏهن ته فلاڻو شخص سحري تائين ستو پيو هوندو آهي ۽ تلاوتِ قرآن به گهڻي ناهي ڪندو. فلاڻي ماڻهوءَ مون کي تڪليف ڏيڻ چاهي ته ان جو پٽ مري ويو يا مال لٽجي ويس يا هو بيمار ٿي ويو وغيره، اهڙي طرح ڊبيل لفظن ۾ پنهنجي ڪرامت جي به دعوىٰ ڪري رهيو هوندو آهي، ايئن ئي هڪ عالِم فخر ڪندي چوندو آهي: مان مختلف فنن جو جامع آهيان، حقائق کان آگاهه آهيان، مون مشائِخِ ڪرام مان فلاڻي فلاڻي کي ڏٺو آهي، لهذا تون ڪير ٿيندو آهين؟ تنهنجي فضيلت ۽ تنهنجي اوقات ئي ڇا آهي؟ تو ڪنهن سان ملاقات ڪئي آهي ۽ ڪنهن کان حديث جي سماعت ڪئي آهي؟

هي تمام ڳالهيون اُهو انهيءَ ڪري ڪندو آهي جو سامهون واري کي حقير ۽ پاڻ کي عظيم قرار ڏي.“ (احياء العلوم،3/430ملخصا)

ڪجھ ماڻهن جي عادت هوندي آهي ته ”هو هن طرح چوندا آهن ته پنهنجو مريد آهي، منهنجو شاگرد آهي،“ مون کي (يعني سگِ مدينه کي) اهو به سنو ناهي لڳندو، ها ضرورت مطابق چوڻ الڳ ڳالهه آهي يا وري جيڪڏهن ڪا وڏي پهتل هستي هجي جهڙي طرح منهنجي مرشدِ ڪريم غوثِ پاڪ حضرتِ شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَيۡہ فرمايو:

”مُرِيۡدِیۡ لَاتَخَفۡ اَللّٰهُ رَبِّیۡ يعني منهنجا مريد متان خوف ڪرين، الله پاڪ منهنجو رب آهي.“ (مدنی پنج سوره،قصيده ٔ غوثيه، ص264) تہ هي انهن کي سونهي ٿو، انهن جو اهڙي طرح ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ ڪوئي معيوب ناهي. ڪجھ ماڻهو ڪنهن کي دعا ڏيندي چوندا آهن تہ ”وڃ ٻچا! وڃ پٽ! وڃ ياء! منهنجي دعا تو سان گڏ آهي،“ مون کي تہ اهي جملا چوڻ بہ ڪجھ مناسب ناهن لڳندا، اَلحمدُلِلّٰه اهڙي طرح چوڻ جي منهنجي عادت ناهي. جيڪڏهن ڪنهن کي دعا ڏيڻي بہ آهي تہ هيئن چوڻ گهرجي تہ الله ڪريم آساني ڪري، الله خير ڪري، اِن شاء الله سڀ بهتر ٿي ويندو، البتہ هي چوڻ تہ ”منهنجي ماءُ جي دعا مون سان گڏ آهي“ هي الڳ شيءِ آهي، انهيءَ ۾ حرج ناهي الله ڪريم ٻين گناهن سان گڏوگڏ زبان جي آفتن کان بہ محفوظ فرمائي. آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(ماهنامه فيضانِ مدينه ، فروری2022) (1)

## مان اخبار پڙهڻ کان ڇو بچندو آهيان؟

هڪ پيري ڪنهن مون کي هڪ پمفلٽ ڏنو جنهن ۾ ڪنهن جي طرف ڪجھ عيبَ منسوب ڪيا ويا هئا، مون اهو پمفلٽ پڙهي بغير ڪيسي ۾ رکي ڇڏيو ۽ اهڙي طرح غور ڪرڻ لڳس تہ جيڪڏهن مون پمفلٽ کي پڙهيو تہ ڪٿي گناهہ تہ نہ ملندو؟ پوءِ مون پمفلٽ ڏيڻ واري جي توجّھ ان پهلو ڏانهن ڪرڻ جي لاءِ ان کان پڇيو تہ ان کي پڙهڻ ۾ ڪيتريون نيڪيون ملنديون؟ ان جواب ڏنو: نيڪي تہ ڪابہ نہ ملندي، مون چيو

---

[1] هي مضمون 4 رَجَبُ المُرجب 1441 هہ مطابق 28 فيبروري 2020ع جي عشاء جي نماز کان پوءِ ٿيڻ واري مدني مذاڪري جي مدد سان تيار ڪري اميرِ اهلسنّت دَامَتۡ بَرَڪَاتُهُمُ الۡعَالِيَه کان سنوارائي پيش ڪيو ويو.

جنھن جي باري ۾ ھي پمفلٽ (لکيو ويو) آھي جيڪڏھن ان کي اھا خبر پئجي وڃي تہ تو مون کي ھي پمفلٽ ڏنو ۽ مون ان کي پڙھيو تہ ھو خوش ٿيندو يا ناراض؟ ان جواب ڏنو: ناراض. مون چيو تہ جنھن پمفلٽ جي پڙھڻ ۾ نقصان ئي نقصان ھجي تہ ان کي پڙھڻ ئي نہ گھرجي. لھذا مون اھو پمفلٽ ضايع ڪري ڇڏيو. اي عاشقانِ رسول! جھڙي طرح مسلمان ۾ پاتيون ويندڙ بُرايون پَرپُٺ ذڪر ڪرڻ غيبت جڏھن تہ ان جي اندر اھي بُرايون نہ پاتيون وڃڻ جي صورت ۾ بيان ڪرڻ بھتان سڏرائيندو آھي اھڙي طرح لکي ڪري ڇاپڻ جوبہ معاملو آھي، بِنا اِجازتِ شرعي مسلمان جي ڪِردار ڪشي حرام ۽ جھنّم ۾ وني وڃڻ وارو ڪم آھي، چاھي اھو زبان سان ڇئي ڪري ھجي، اخبار جي ذريعي ھجي يا پمفلٽ جي صورت ۾ ھجي. جيڪي احڪام زبان سان چوڻ جا آھن. اھي ئي قلم سان لکڻ جا بہ آھن، جيئن منھنجا آقا اعلیٰ حضرت، امام اھلسنّت مولانا شاھ امام احمدرضاخان رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمائن ٿا:

اَلْقَلَمُ اَحَدُ اللِّسَانَيْن (قلم بہ ھڪ زبان آھي.) جيڪي زبان سان چوڻ جا احڪام آھن اھي ئي قلم تي (بہ آھن). (فتاویٰ رضويہ، 607/14) لھذا اھڙيون اخبارون، اھڙا اشتھار ۽ پمفلٽس جيڪي مسلمانن جي عيبن ۽ اُوڻائين تي مشتمل ھجن انھن جي پڙھڻ ۽ ٻڌڻ کان پاڻ کي بچايو. منھنجي معلومات جي مطابق موجوده زماني ۾ تقريباً اخبارون بي پرده عورتن جي تصويرن ۽ گناھن ڀريل تحريرن سان پڻ لبالب آھن، اجڪلھ شايد ئي ڪا اخبار اھڙي ھجي جنھن ۾ مسلمان جي عزّت جو تحفظ ھجي، ڪڏھن ڪو مسلمان وزيرِاعظم تنقيد جي نشاني تي ھوندو آھي، تہ ڪڏھن صدر، ڪڏھن وزيراعليٰ جي شامت ايندي آھي تہ ڪڏھن گورنر جي، مطلب تہ سياستدان ھجي يا عام مسلمان اخبارن ۾ عام طور

سيني جي عزّت تارتار ڪئي ويندي آهي، خاص طور اليڪشن جي ڏينهن ۾ ڪجھ ماڻهو ٺُهمتن ۽ غيبتن سان ڀريل بيان ڏيندا، اخبارن ۾ ڇاپيندا ۽ خوب الزام هڻندا آهن. اهڙي صورتحال ۾ پاڻ کي گناهن کان بچائڻ ڏاڍو مشڪل هوندو آهي، انهن سڀني جي ڪري مان اخبارون ناهيان پڙهندو غيرشرعي اِشتهارَ ۽ گناهن ڀريا پمفلٽس پڙهڻ کان بچندو آهيان. ها! جيڪڏهن ڪنهن جي بُرائي سان ٻئي کي نقصان پهچڻ جو انديشو هجي تہ شرعي اجازت ۽ سٺين سٺين نيّتن سان ڳڌ ماڻهن کي ان جي نقصان کان بچائڻ جي لاءِ گفتگو يا تحرير ۾ بقدرِ ضَرورت صِرف انهيءَ بُرائي جو ذڪر ڪري سگهجي ٿو. اي ڪاش! هر مسلمان پنهنجي عيبن تي نظر رکي، ٻين جا عيب بيان ڪرڻ يا لکي ڪري ڇاپڻ جي بدران ڍڪڻ جي ڪوشش ڪندي ان جي جان ۽ مال ۽ عزّت جو محافظ بڻجي وڃي. الله پاڪ اسان کي ٻين جي عيبن تي نظر رکڻ بدران پنهنجي عيبن کي تلاش ڪري انهن کي پري ڪندي رهڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(ماهنامہ فيضانِ مدينہ ربيع الآخر1442) (1)

## عطّارين جي لاءِ بشارت

نَحْمَدُهٗ وَنُصَلِّيْ عَلٰى رَسُوْلِهِ الْكَرِيْم، اَمَّا بَعْد

اَلحمدُ لِلّٰہِ جڏهن کان مون هوش سنڀاليو آهي، مان پياري محبوب ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي محبت جا چشما اُبرندي محسوس ڪيا آهن. عشقِ رسول جو جام مون کي منهنجي غوثِ پاڪ پياريو، منهنجي

---

[1] هي مضمون رسالي: فيضانِ مدني مذاڪرو(قسط:33) ”بُرائي جو بدلو چڱائي سان ڏيو“ جي مدد سان تيار ڪري اميرِاهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کان مزيد مشورا و ني پيش ڪيو وڃي رهيو آهي.

اعليٰ حضرت پياريو رحمۃ اللہ علیہما ۽ اَلحمدُلله مون تي اِهو خصوصي فيضان آهي جو مون کي سرڪارِ مدينہ سان، انبياءِ ڪرام عليهمُ الصّلوٰةُ والسّلام سان، تمام صحابہ ڪرام سان، تمام اهل بيتِ اطهار سان خصوصي طور تي شهداءِ ڪربلا سان تمام گهڻو پيار آهي رضی اللہ عنھم اجمعین اولياءِ ڪرام رحمۃ اللہ علیہم سان تمام گهڻي محبت آهي خاص طور غوثِ پاڪ رحمۃ اللہ علیہ سان مان وڌي عقيدت رکندو آهيان، الله پاڪ جي رحمت سان سادات ڪرام جو احترام پنهنجي رڳ رڳ ۾ محسوس ڪندو آهيان ۽ مان اُميد ڪيان ٿو تہ اِن شاء الله جيڪو منهنجي ذريعي غوثِ پاڪ رحمۃ اللہ علیہ جو مريد ٿيندو، عطاري ٿيندو اِن شاء الله اهو ڪڏهن بہ، ڪڏهن بہ، ڪڏهن بہ، پياري پياري آقا محمدِ مصطفيٰ صلی اللہ علیہ والہ وسلم، تمام انبياءِ ڪرام عليهم السّلام تمام اهل بيتِ اطهار بشمول مولا مشڪل ڪُشا علي المُرتضيٰ، شيرِخدا ۽ حسنين ڪريمين ۽ تمام صحابہ ڪرام بشمول حضرتِ اميرِ معاويہ رضی اللہ عنھم اجمعین انهن پاڪ هستين سا غداري نٿو ڪري سگهي بلڪ جيڪو ڪنهن بہ جامع شرائط شيخ جو مريد هوندو ۽ منهنجي سلسلي ۾ طالب هوندو، اِن شاء الله اهو بہ انهن پاڪ هستين کان ڪڏهن بہ باغي نہ بڻجندو.

**دعاءِ عطار:** ياالله پاڪ! مون جيڪو چيو (ان) جي لڄ رک، منهنجا مولا 25 رمضان المبارڪ 1439 هجري تي مون حُسنِ ظن جي بنياد تي هي ڪجھ ڪلما نگرانِ شوريٰ حاجي عمران عطاري جي مطالبي تي عرض ڪيا آهن. اي الله! منهنجي لڄ رک تہ ايئن ئي ٿئي، اسان سڀني عمر انبياء ڪرام عليهم السّلام جي، صحابہ ڪرام عليهم الرّضوان جي، اولياءِ ڪرام رحمۃ اللہ علیہم جي محبتن جو دم پريندا رهون. سرڪارِ اعليٰ حضرت مولانا

شاھ امام احمد رضا خان رَحْمَۃُ اللّٰہِ عَلَیْہ جا ڳڻ ڳائيندا رھون انھيءَ تي اسان جو خاتمو ايمان سان ٿئي.

اٰمِیْن بِجَاہِ النَّبِیِّ الْاَمِیْن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

(ماہنامہ فيضانِ مدينہ ذوالقعدة الحرام 1439)

## اميرِاھلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ ڪتابون ڪيئن لکندا آھن ؟

ھڪ مدني مذاڪري ۾ سڊني آسٽريليا کان ھڪ ڀار ”عبدالله عطاري“ سوشل ميڊيا جي ذريعي شيخِ طريقت علّامہ مولانا محمد الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ کان سُوال ڪيو تہ توھان (600 صفحن جو) ڪتاب ”فيضانِ نماز“ لکيو تہ ڇا ان جي لکڻ سان توھان جي ھٿن ۾ سُور نہ ٿيو؟

اميرِاھلسنّت دَامَتْ بَرَکَاتُھُمُ الْعَالِیَہ ان جي جواب ۾ جيڪو ڪجھ ارشاد فرمايو ان جو خلاصو ھي آھي تہ عام طور تي ڪتاب ھڪ ڪلاڪ يا ھڪ ڏينھن ۾ ناھي لکيو ويندو ۽ نہ ئي لڳاتار لکندي رھڻ جي ترڪيب ھوندي آھي، ھاڻي تہ ڪمپوزنگ جو دور آھي، مون کي ڪتاب جي ڪمپوزنگ ناھي ايندي دعوتِ اسلامي جي ”مجلس المدينۃ العلميہ“ جي طرفان ڪافي مواد ڪمپوز ٿيل بہ ملي ويندو آھي، ڪجھ مشورو ڏئي گھرائڻو بہ پوندو آھي، ڪجھ ڪتابن مان ڪڍي ڪمپوز بہ ڪرائڻو پوندو آھي، جڳھہ جڳھہ تي قلم بہ ھلائڻو پوندو آھي، ڪم جي دوران وچ ۾ Gaps (وقفا) بہ ايندا رھندا آھن انھيءَ ڪري ھٿن ۾ سور رھڻ ضروري ناھي، جي ھا ھن پيري منھنجي ھٿ سان اھڙو معاملو ٿيو، ڪڏھن ڪڏھن قلم پڪڙڻ سان منھنجي ھٿ جون آڱريون اڪڙجي وينديون آھن، تہ مون حڪيم صاحب جو ٻڌايل علاج ڪيو، جنھن سان اَلْحَمْدُلِلّٰہ منھنجون آڱريون نيڪ ٿي ويون ھاڻي بہ ڪجھ نہ ڪجھ لکڻ

جو ڪم تہ ڪري رهيو آهيان پر اَلحَمدُلِلّٰه ڪيئي ڏينهن کان منهنجون آڱريون ناهن اڪڙيون، پر ظاهر آهي ڪم ڪندي ڪڏهن انسان کي تڪليف ٿي بہ سگهي ٿي، پڻ لکڻ هڪ دماغي ڪم بہ آهي لکندي ڪڏهن دماغ بہ ٿڪاوٽ جو شڪار ٿي ويندو آهي.

اي عاشقان رسول! جيڪي مون سان محبت ڪن ٿا، اوهان غور فرمايو ڪتاب ڪيتري محنت سان لکيا ويندا آهن پر توهان مان ڪيترائي اُهي هوندا جيڪي مکتبة المدينہ جا ڪتاب ۽ رسالا پڙهڻ تہ پري جي ڳالهہ انهن کي کولي بہ نہ ڏسندا هوندا! توهان جو مون تي ان معنىٰ ۾ رحم ڪرڻ ۽ همدردي ڪرڻ گهرجي، جو مان الله جي رضا حاصل ڪرڻ جي لاءِ اوهان ئي جي لاءِ لکندو آهيان، تہ منهنجا مدني پٽ ۽ مدني نياڻيون انهن ڪتابن کي پڙهن ۽ پنهنجي آخرت جي بهتري جو سامان ڪن. الله پاڪ اسان کي سنين سنين نيّتن سان ڳڏ مكتبةُ المدينہ کانPrint ٿيڻ وارا ڪتاب ۽ رسالا پڙهڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(مدنی مذاکره، 23جمادَی الاُولیٰ1441ہجری)(ماہنامہ فيضانِ مدينہ شوال المکرم 1441)

## ڪتاب لکڻ جا احتياط

تصنيف ۽ تاليف جي ذريعي دين جو پيغام ماڻهن تائين پهچائڻ هي هڪ پُراڻو طريقو آهي، هي جيتري قدر اهم آهي ايتري قدر مشڪل بہ آهي، تحريري ڪم ۾ ڪيئي طرح جي احتياطن جي سخت ضرورت (هوندي) آهي هن حوالي سان چند ڳالهيون عرض ڪيان ٿو:

❀ ديني ڪتاب، رسالو يا مضمون لکڻ ۾ هميشہ الله پاڪ جي رضا کي سامهون رکڻ گهرجي، عزت ۽ شهرت جي تمنا نہ رکي وڃي، حُبِّ جاهہ

ڪان بچندي ڪتاب تي پنهنجو نالو جيتوڻيڪ جائز آهي پر اصل مقصد الله پاڪ جي رضاء جو حصول هئڻ گهرجي. لکندي اهو خوف هئڻ گهرجي ته مون جيڪو ڪجهه لکيو آهي ڪٿي ان جي سبب آخرت ۾ ڦاسي نه پوان، تحرير جي معاملي ۾ اِخلاص جو معاملو به نهايت نازڪ آهي، نفس ۽ شيطان انسان کي مختلف طريقن سان رياڪاري ۽ پنهنجي واهه واهه جي شوق ۾ مبتلا ڪرڻ جي ڪوشش ۾ لڳل رهندا آهن.
❀ ياد رکو! آيتن ۽ حديثن شريفن جي پنهنجي مرضي سان تفسير ۽ شرح ڪرڻ حرام آهي، صرف مفسرين و شارحين جي راءِ نقل ڪئي وڃي، ايئن ئي شرعي مسئلا لکڻ ۾ به نهايت احتياط جي ضرورت آهي، ڪٿي ڪا گناهه جاريه جي صورت نه بڻجي وڃي. ❀ ڪجهه مصنفن جي تحريرن ۾ شرعي غلطيون پاتيون وينديون آهن ڪم و بيش ويهه سال پهريان انهن ئي ڳالهين کي ڏسندي غالباً 2000ع ۾ اسان مجلس تفتيش ڪتب ۽ رسائل بڻائي هئي ته جيئن مصنف پنهنجي ڪتابن جي شرعي تفتيش ڪرائي سگهن. ❀ پنهنجي تحرير ۾ غيرمحتاط لفظن جو انتخاب، دلي جذبات جي تائيد نه هئڻ جي باوجود عاجزي تي مشتمل فقرا (يعني جملا) لکڻ ۽ ڪوڙي مبالغ آرائي کان ڪم وٺڻ آخرت ۾ پڪڙ جو سبب بڻجي سگهي ٿو. اسان جا بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم لفظن جي استعمال ۾ وڏا محتاط هئا، اِحياءُ العلوم جي ٽئي جلد ۾ آهي: حضرتِ ميمون بن ابوشبيب رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مان وينو خط لکي رهيو هئس ته هڪ حرف تي اچي رڪجي ويس ته جيڪڏهن هي لفظ لکي ڇڏيان ٿو ته خط خوبصورت ٿي پوندو پر ڪوڙ کان دامن نه بچائي سگهندس، پوءِ مون اهو لفظ ڇڏڻ جو عزم ڪري ورتو ته پلي منهنجو خط خوبصورت نه ٿي پر مان اهو لفظ نه لکندس. (احياء العلوم، 169/3)
هي ته اسان جي بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جي تحرير ۾ احتياطون هيون پر

اڄ ڪلھ جي ڪجھ مضمونن ۽ آرٽيڪلن ۾ سچ ۽ ڪوڙ جي پرواھ ناهي ڪئي ويندي، اهڙو لکڻ کان بهتر آهي انسان قلم رکي ڇڏي.
❀ نعت شريف، منقبت ۽ نظم وغيره لکڻ ۾ وڌيڪ احتياط جي حاجت آهي ڇو تہ ان ۾ ڪلام جو وزن برابر رکڻ، رديف ۽ قافيہ نڀائڻ جي لاءِ ڪيئي پيرا غيرشرعي يا غيرمحتاط شعر بہ مرتب ٿي ويندا آهن تنهنڪري سلامتي ۽ عافيت انهيءَ ۾ آهي تہ جيڪو مضبوط عالمِ دين، فنّ شاعري ۾ ماهر ۽ لفظن جي ذخيري جو حامل نہ هجي اهو حمد ۽ نعت وغيره منظوم ڪلام مرتب ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪري. هن ميدان ۾ وڏا وڏا شاعر جن ۾ نعت گو شاعر بہ شامل آهن انهن بہ غلطيون ڪيون آهن ۽ اهڙيون اهڙيون شرعي غلطيون ڇڏي دُنيا کان رخصت ٿيا آهن جو اَلْاَمَان وَالْحَفِيْظ. لکڻ وارن انهن جا مثال ٽائين لکيا آهن تہ فلاڻو ايترو وڏو شاعر هو، ايترا ايترا ڪلام لکيائين، نعتون بہ ڇپايئين پر هي هي غلط ڳالھ لکي ويو. ❀ اَلحمدُلِلّٰہ! منهنجي تمام تحريرن جي شرعي تفتيش ٿيندي آهي ايسيتائين جو مان هڪ پمفلٽ بہ لکندو آهيان تہ ان جي شرعي تفتيش ڪرائيندو آهيان، الله ڪريم اسان کي تحرير ۾ حُبِّ جاھ رياڪاري ۽ شرعي ۽ اخلاقي غلطين جي آفتن کان بچائي ۽ صرف اها ئي ڳالھ لکڻ جي توفيق عطا فرمائي جيڪا ان کي راضي ڪرڻ جو سبب بڻجي.[1]

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

(ماہنامہ فيضانِ مدينہ جولائی 2021)

---

[1] هي مضمون 6 رمضان المبارڪ 1442ھ جي رات مطابق 18 اپريل 2021ع جو نماز تراويح کان پوءِ ٿيڻ واري مدني مذاڪري جي مدد سان تيار ڪري اميرِ اهلسنّت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه کي ڏيکاري ضرورت مطابق ترميم ڪري پيش ڪيو وڃي پيو.

# دعوتِ اسلامي جو ڇا ٿيندو!

شيخِ طريقت، اميرِاهلسنّت حضرتِ علّامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه کان مدني مذاڪري (25 شعبانُ المعظم 1440ھ بمطابق 20 اپريل 2019ء) ۾ سوال ٿيو تہ ڪجھ ماڻھو چوَن ٿا:”جيسيتائين توهان (يعني اميرِاهلسنّت) موجود آهن تيستائين دعوتِ هلندي رهندي، ان کان پوءِ نگران صاحبان ۽ اراڪين شوريٰ وغيره سڀ وکرجي ويندا ۽ پوءِ نہ ڄاڻي ڇا ٿيندو! ان جي حقيقت ڇا آهي؟“ پاڻ دَامَتْ بَرَکَاتُهُمُ الْعَالِيَه جواب ۾ اِرشاد فرمايو: ڪجھ ماڻھو اهو سمجھن ٿا تہ منھنجي مرڻ کان پوءِ دعوتِ اسلامي ختم ٿي ويندي، اِن شاء الله ايئن نہ ٿيندو اَلحمدُلِلّٰه مون پنھنجي اولاد ۽ تمام دعوتِ اسلامي وارن کي مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي اطاعت ڪرڻ جي تاڪيد ڪئي آهي ۽ ڪيئي ڀيرا مدني مذاڪرن ۾ ۽ وڏين راتين جي اجتماعن ۾ اهي اعلانات بہ ڪيا آهن تہ اسان کي دعوتِ اسلامي ۾ مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي هيٺان رهي ڪري ئي ڪم ڪرڻو آهي، مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي مخالفت ناهي ڪرڻي، دعوتِ اسلامي ڪو دُڪان يا ترڪو (يعني وراثت) ناهي جو منھنجي مرڻ کان پوءِ منھنجي اولاد ۾ تقسيم ٿيندو بلڪ دعوتِ اسلامي ۾ جيڪو ڪم ڪندو ان کي سلام آهي. الله پاڪ جي فضل ۽ ڪرم سان مرڪزي مجلسِ شوريٰ ڪم ڪري رهي آهي ۽ ڪندي رهندي، مرڻو سڀ کي آهي جيڪڏھن ڪنھن جي انتقال سان دين جو ڪم رڪجي وڃي ها تہ ڪائنات جي سڀ کان وڏي هستي جو جن جي بدولت اسان کي اسلام مليو يعني اسان جي مڪي مدني آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري پردو فرمائڻ جي باوجود دين جو ڪم نہ رڪيو تہ الياس قادري ڪھڙي حساب ۾ آهي! ان جي مرڻ سان ڇا ٿئي ٿو!

جيڪو منهنجي لاءِ دين جو ڪم ڪري ٿو اج ڪان ئي ان ڪي خدا حافظ! ۽ جيڪو اللّٰه پاڪ جي لاءِ دين جو ڪم ڪري ٿو اهو اج به ڪري ۽ منهنجي مرڻ ڪان پوءِ به ڪري، اهو نه سوچي ته الياس قادري هليو ويندو ته هيئن ٿي ويندو يا الياس قادري ڪان پوءِ ڇا ٿيندو؟ اهي سڀ شيطاني وسوسا آهن انهن ڪان اسان سيني ڪي بچڻ گهرجي، جيئري به ته ڪجهه ٿي سگهي ٿو، اهڙيون ڪئي تحريڪون هونديون آهن جو جن جا قائدَ زنده ۽ صحت مند هوندا آهن پر انهن جون تحريڪون ختم ٿي ويندرون آهن. بهرحال هي منهنجي وصيت آهي ته منهنجي مرڻ ڪان پوءِ به توهان ڪي دعوتِ اسلامي جي مرڪزي مجلسِ شوريٰ ڪي ئي فوقيت ڏيڻي آهي، هيءَ جيئن چاهي ايئن دعوتِ اسلامي جي ذريعي دين جي خدمت ڪرڻي آهي، مرڪزي مجلسِ شوريٰ سان ڪڏهن غداري ناهي ڪرڻي ۽ جيڪو مرڪزي مجلسِ شوريٰ جي مخالفت ڪري ان جو ساٿ ناهي ڏيڻو. اللّٰه پاڪ خيانت ڪندڙن جي نظربد ڪان منهنجي دعوتِ اسلامي ڪي، منهنجي دعوت اسلامي وارن ڪي ۽ منهنجي لاڏلي مرڪزي مجلسِ شوريٰ ڪي محفوظ رکي ۽ انهن سيني ڪي اخلاص سان دين جي خوب خدمت ڪرڻ جي سعادت بخشي.

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اللّٰہ کرم ایسا کرے تجھ پہ جہاں میں
اے دعوتِ اسلامی تری دُھوم مچی ہو

(ماہنامہ فيضانِ مدينه شوال المکرم 1440)

## منهنجي ڏاڙهي ڪيئن نڪتي؟ (حڪايت)

شيخ طريقت، اميرِاهلسنّت حضرتِ علّامہ مولانا ابوبلال محمد الياس عطّار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه فرمائن ٿا: وَرِهَ پراڻو واقعو آهي، بابُ

الاسلام (سنڌ، پاڪستان) جي هڪ شهر ”نواب شاهه“ ۾ هڪ 17 سالن جي اسلامي ڀاءُ جي ڳالهه ڏاڙهي ڏسي مون تَعجُّب جو اظهار ڪيو، انهيءَ تي هُن انڪشاف ڪيو ته مان چهري تي رِڍ جو ڪير هٽندو هيس. مون مارچ 2017 ۾ ان اسلامي ڀاءُ سان رابطو ڪري تصديق چاهي ته انهيءَ ٻڌايو ته توهان 1993_94 ۾ جڏهن ”نواب شاهه“ آيا هيؤ، هي ان وقت جو جو واقعو آهي، هاڻي منهنجي عمر 41 سال تي چڪي آهي، اَلحمدُلِلّٰه مان 10 سالن جي عمر ۾ مَدَني ماحول ۾ اچي ويو هيس ۽ عمامو شريف به سجائي ورتو هيم. منهنجي ڏاڙهي نه پئي نڪتي، اسان جي گهر هڪ شخص ڪير ڏيڻ لاءِ ايندو هو، اسان ان کي ”چاچا حاجي“ چوندا هياسي انهيءَ مون کي عمامي شريف ۾ ڏسي ڪري خوشي جو اظهار ڪندي چيو: تو ٻڪري يا رڍ جو ڪچو ڪير چهري تي لڳائيندو ڪر اِن شاء الله ڏاڙهي نڪري ايندي، ته مون چيو: ڪير به اوهان ئي آڻي ڏيو. جيئن ته اهو جڏهن جڏهن ٻڪري يا رڍ جو ڪير ڪڍي ايندو هو، مان سمهڻ کان پهرين ڏاڙهي ڦٽڻ جي جڳهه تي هٽندو هيس، ۽ فجر جي لاءِ اٿندو هيس ته چهرو ڌوئندو هيس. مون ڪيئي ڀيرا ايئن ڪيو ۽ اَلحمدُلِلّٰه ڪير لڳائيندي رهڻ سان آخرڪار منهنجي ڏاڙهي به نڪري آئي ۽ ڳالهه به ٿي وئي. (ماہنامہ فيضانِ مدينہ رجب المرجب 1438)

## الله پاڪ کان عافيت گهرو

ڪروڙن حنبلين جا پيشوا حضرت امام احمد بن حنبل رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا ته مان قرآن ڪريم ياد ڪندو رهندو هيس، پوءِ جڏهن علمِ حديث ڏانهن مائل ٿيس ته ان علم ۾ منهنجي مشغوليت وڌي وئي ۽ مون پاڻ کي چيو ته قرآن پاڪ ڪڏهن ياد ڪندس؟ ته مون پنهنجي رب

ڪان دُعا گهري ته ياالله! حفظِ قرآنِ ڪريم جي سعادت عطا ڪري مون تي احسان فرماءِ. پر ان وقت ”عافيت“ جا لفظ نہ چيا هئا، (دعا قبول ٿي پر ان جي قبوليت جي صورت ايئن بڻي جو) جڏهن مون کي قيد ڪيو ويو تہ انهيءَ دوران مون قرآن ڪريم ياد ڪري ورتو. لهذا الله پاڪ کان جڏهن توهان ڪنهن حاجت جو سوال ڪيو تہ گڏوگڏ عافيت بہ گهرندا ڪيو. (مناقب امام احمد، ص57)

اي عاشقانِ رسول! عافيت جو مطلب آهي سلامتي. لهذا مثلاً الله پاڪ کان نوڪري جي لاءِ دعا ڪرڻي آهي تہ هن طرح دعا گهرو تہ ياالله پاڪ! فلاڻي نوڪري جيڪڏهن منهنجي حق ۾ بهتر آهي تہ مون کي عافيت ۽ سلامتي سان اها نوڪري ملي.

ربّ ڪريم کان صرف عافيّت ئي گهرڻ جي اهميت جي متعلق 4 فرامينِ آخري نبي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم:(1)الله پاڪ جي پياري نبي صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بارگاهہ ۾ هڪ شخص حاضر ٿي ڪري عرض ڪيو: اي الله جا رسول! سڀ کان افضل دعا ڪهڙي آهي؟ اِرشاد فرمايو: پنهنجي ربّ کان عافيت ۽ دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي گهرو. ٻي ڏينهن حاضر ٿي ڪري وري ان عرض ڪيو: اي الله جا رسول! سڀ کان افضل دعا ڪهڙي آهي؟ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهيءَ جي مثل (يعني پهرين ڏينهن جيڪو جواب عطا فرمايو هو انهيءَ طرح جو) جواب اِرشاد فرمايو. ان شخص ٽي ڏينهن حاضر ٿي ڪري وري اهو ئي سُوال ڪيو، رسولِ رحمت وري ان جي مثل جواب ڏئي ڪري اِرشاد فرمايو: جڏهن توکي دنيا ۽ آخرت ۾ عافيت ملي وڃي تہ تون ڪامياب ٿي وئين. (ترمذی، 305/5، حديث:3523) (2) الله پاڪ کان عافيت جو سوال ڪرڻ ان کي وڌيڪ محبوب (يعني پيارو) آهي. (ترمذی،306/5، حديث: 3526) (3) الله پاڪ کان

عَفْو و عافيت جو سوال ڪندا ڪيو ڇو ته يقين (يعني ايمان و دين ۾ جاڻ سڃاڻ) ڪان پوءِ ڪنهن کي عافيت ڪان وڌيڪ بهتر ڪا شيءِ ناهي ڏني وئي. (ترمذی، 327/5، حديث: 3569۔ مرقاة المفاتيح، 349/5) (4) ٻانهو هن (دعا):

”اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْئَلُكَ الْمُعَافَاةَ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ“ (يعني اي الله! مان تو کان دنيا و آخرت ۾ عافيت جو سوال ڪيان ٿو) کان افضل ڪابه دعا ناهين گهرندو.

(ابن ماجه، 273/4،حديث:3851)

حڪيمُ الاُمّت مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: مُعافات ۾ جسماني، روحاني، نفساني، شيطاني تمام آفتن کان سلامتي شامل آهي. (وڌيڪ) صوفياءِ ڪرام فرمائن ٿا ته عافيت انهيءَ ۾ آهي جنهن ۾ ربّ راضي آهي، لهذا حضور انور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو خيبر ۾ زهر کائي وڃڻ، فاروقِ اعظم جو مصطفيٰ جي مصلي مبارڪ تي خنجر کائي شهيد ٿيڻ، عثمانِ غني جو قرآن پڙهندي ذبح ٿيڻ، امامِ حسين جو بغير داڻي و پاڻي جي پرواني جي مثل، شمعِ مصطفوي تي نثار ٿي وڃڻ، عافيت ئي هو. لهذا ربّ ڪريم کان اها عافيت گهرو جيڪا ان جي علم ۾ اسان جي لاءِ عافيت آهي نه اها جيڪا اسان جي علم ۾ اسان جي لاءِ عافيت هجي. الله پاڪ اسان کا ٻنهي جهانن ۾ عافيت و سلامتي عطا فرمائي.

(ماہنامہ فيضانِ مدينه دسمبر2021)

اٰمِيْن بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ رَبِّ الۡعٰلَمِیۡنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الۡمُرۡسَلِیۡنَ اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیۡطٰنِ الرَّجِیۡمِ بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

## نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ

هر جمعرات نماز مغرب کان بعد اوهان جي علائقي ۾ ٿيندڙ دعوت اسلامي جي هفتيوار سنّتن ڀري اجتماع ۾ الله عزوجل جي رضا جي لاءِ سُٺين سُٺين نيّتن سان سڄي رات شرڪت فرمايو. ❋ سنّتن جي تربيت جي لاءِ مدني قافلي ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ هر مهيني ٽي ڏينهن سفر ۽ ❋ روزانو ”فڪرِ مدينہ“ جي ذريعي مدني انعامات جو رسالو ڀري ڪري هر مدني مهيني جي پهرين تاريخ ۾ پنهنجي ذميدار کي جمع ڪرائڻ جو معمول بڻايو.

**منهنجو مدني مقصد:** ”مون کي پنهنجي ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش ڪرڻي آهي“ اِنۡ شَآءَ اللّٰہ عزوجل پنهنجي اصلاح جي لاءِ ”مدني انعامات“ تي عمل ۽ سڄي دنيا جي ماڻهن جي اصلاح جي ڪوشش جي لاءِ ”مدني قافلن“ ۾ سفر ڪرڻو آهي. اِنۡ شَآءَ اللّٰہ عزوجل







عالمي مدني مرڪز فيضان مدينہ محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي ڪراچي

UAN: +92 111 25 26 92 Ext: 7213

Web: www.dawateislami.net / E-mail: translation@dawateislami.net